

# جمهوريت جي بحاليءَ مان سنڌ کي ڇا ملندو؟

_ جامي چانڊيو

جيتوڻيڪ ملڪ ۾ نئين چونڊيل حڪومت جي اچڻ ڪانپوءِ ايترو ضرور ٿيو آهي جو مشرف جيان عوام جي هيانءُ تي مُڱ ڏريندڙ حڪومت مڙهيل ناهي ۽ جيتري تبديلي سياسي حڪومت جي بحاليءَ سان عوام کي محسوس ٿيندي آهي ان حد تائين تبديلي عوام ضرور محسوس ڪري ٿو. ان ڪري سمورن مسئلن باوجود عوام موجوده حڪومت کي بهرحال پنهنجي ڪا دشمن حڪومت تصور نٿو ڪري. ٻئي طرف حڪومت جو هڪ سئو ڏينهن وارو هني مون پيرڊ به اچي پورو ٿيو آهي پر ماڻهن آڏو ساڳيا اجگر بلائن جهڙا مسئلا وات ڦاڙيو بيٺا آهن ۽ جيڪڏهن ماڻهن آڏو اُهي اجگر بلائن جهڙا مسئلا آهن ته سندن پنيان بي وسي ۽ نڌڻڪائيءَ جي ديوار آهي. ان ڪري عوام موجوده حالتن ۾ نه اڳتي ٿو وڌي سگهي ۽ نه پوئتي ٿو هٽي سگهي.



اها ڳالهه ته ظاهر آهي ته ڪنهن ٻار کي به سمجهه ۾ اچي ويندي ته اُهي مسئلا ڪو پ پ پ جي قيادت يا حڪومت پيدا ڪونه ڪيا آهن. موجوده سمورا رياستي ۽ حڪومتي مسئلا گذريل ڇهن ڏهاڪن جي پوکيل ٻج جو تيار ٿيل فصل آهن. اُهي مسئلا ۽ بحران منطقي نتيجو آهن انهن سمورين پاليسين، ناجائز مفادن ۽ آپيشاهي روين جو. جن هن ملڪ کي موجوده حال تي اچي رسايو آهي. ان ڪري عوام اهو سمجهي ٿو ته ان لاءِ بنيادي طور پ پ پ، ان جي قيادت ۽ حڪومت ذميوار ناهي. خاص طور گذريل ڏهن سالن جي تباهيءَ جي ذميوار اسٽيبلشمينٽ، پرويز مشرف ۽ ان جو ٽولو آهي پر جيئن ته موجوده حڪومت اقتدار جي مسند تي آهي، ان ڪري موجوده سموري صورتحال جو پڇاڙو ظاهر آهي ته ان کان به ضرور ٿيندو ۽ ان جي شروعات عوامي سطح تي ٿي چڪي آهي.

موجوده حڪومت ظاهر آهي ته سئو ڏينهن ۾ ڪو انقلاب نٿي آڻي سگهي پر اها ڪجهه بنيادي پيش قدميون ڪري اهم پاليسين، روين ۽ تبديلين جا بنياد وجهي سگهي ٿي يا وجهي سگهي ها، مثال طور:

(1) چونڊن کان اڳ هڪ ڳالهه تي وڏو زور ڏنو ويو هو ۽ اها هئي پارليامينٽ جي خود مختياري، جنهن کي مشرف گذريل نَوَن سالن کان سلب ڪيو ويٺو هو. جيتوڻيڪ پارليامينٽ اڳ به ڪو گهٽي آزاد ۽ خود مختيار نه هئي پر پرويز مشرف ان کي هڪ ڊمي اداري ۾ تبديل ڪري ڇڏيو ۽ ان ڪري ئي ملڪ ۾ پارليامينٽ جي خود مخياريءَ جو سوال وڏيءَ شدت سان اُڀريو. لنڊن جي ميثاقِ جمهوريت کان وٺي ڀوربن پڌرنامي جو هڪ بنيادي نقطو اهو هو ۽ جمهوريت جي بحاليءَ ۽ سگهه کي ان سان مشروط ڪيو ويو هو. سوال آهي ته هاڻي جڏهن پ پ پ جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ اتحادي حڪومت موجود آهي ۽ حڪومت سان گڏ پارليامينٽ به سؤ ڏينهن پورا ڪيا آهن ته پوءِ پارليامينٽ جي خود مختياريءَ جو سوال اڄ ڪٿي آهي؟ ۽ سياسي ڊسڪورس مان گم ڇو آهي؟ موجوده حڪومت ۽ پارليامينٽ فقط هڪ فرد جي فيصلن ۽ مرضيءَ جي محتاج نظر اچي ٿي ۽ ڪا خبر نٿي پوي ته ان هڪ ”فرد“ جي من ۾ ڇا آهي؟ ڪالهه اهو فرد هڪ آمر ۽ جابر هو ۽ اڄ اهو فرد هڪ وڏي سياسي ۽ چونڊجي آيل حڪومتي پارٽيءَ جو سربراهه آهي. آئيني پيڪيج به پارليامينٽ ۾ نٿو اچي پر اسلام آباد، دبئي ۽ لنڊن ۾ ٿو بحث هيٺ اچي.

(2) ملڪ جي خارجه پاليسي اڄ به حڪومت جي هٿ وس نظر نٿي اچي، اُها ٻي ڳالهه آهي ته بظاهر ملڪ جو پرڏيهي وزير شاهه محمود قريشي آهي پر جنهن انداز ۽ رفتار سان زرداري هائوس ۽ حڪومت کي آمريڪا طرفان ”سفارتي صلاحون“ ملي رهيون آهن، ان مان بلڪل واضح آهي ته حڪومت پرڏيهي پاليسيءَ ۾ ڪيتري خود مختيار آهي؟

هاڻي تہ اُترين علائقن ۾ آمريڪا طرفان سنڌي مداخلت جون ڳالهيون بہ عام ٿي چڪيون آهن ۽ حامد ڪرزئيءَ جي ڌمڪيءَ بابت سڄي جهان کي خبر آهي تہ اها ڌمڪي اصل ڪنهن جي آهي؟

(3) حڪومت ۽ پارليامينٽ کي هڪ سئو ڏينهن گذرڻ باوجود ججن جي بحاليءَ جو اشو اجا اُتي جو اُتي آهي، جڏهن تہ چونڊن کان اڳ هڪ لحاظ کان اهو طئي ٿيل هو تہ ايندڙ حڪومت جي پهرين ترجيح ججن جي بحالي هوندي. دلچسپ ڳالهہ اها آهي تہ موجوده حڪومت نہ تہ ججن جي بحاليءَ کان سڌو انڪار ٿي ڪري ۽ نہ وري ڪين بحال ڪرڻ لاءِ ڪا سنجيده ڪوشش يا پيش قدمي ٿي ڪري، چيو پيو وڃي تہ جج آئيني پيڪيج ذريعي بحال ٿيندا پر آئيني پيڪيج حتمي طور ڪڏهن پارليامينٽ ۾ پيش ٿيندو، ان بابت پيو تہ ٿهيو پر خود وزيراعظم کي بہ خبر نہ آهي. اها خبر صرف ۽ صرف آصف زرداري صاحب کي آهي.

(4) موجوده حڪومت ۽ پارليامينٽ جي هڪ سئو ڏينهن جي هڪ وڏي ناڪامي پرويز مشرف جو اجا تائين ايوانِ صدر ۾ ويهڻ آهي. ان ڳالهہ تي ملڪ تہ ڇا پر سڄيءَ دنيا جا سياسي تجزيہ نگار متفق آهن تہ گذريل چونڊن جا نتيجا پرويز مشرف خلاف ڇڙ تہ هڪ ريفرنڊم هئا ۽ عوام جي خواهش هئي تہ چونڊن کانپوءِ جيئن ئي نئين حڪومت ايندي تہ پرويز مشرف کي موڪلائڻو پوندو، پر حڪومت ۽ پارليامينٽ کي هڪ سئو ڏينهن گذرڻ باوجود پرويز مشرف نہ رڳو ايوانِ صدر ۾ موجود آهي پر ايترو پُراعتماد بہ آهي جو هو ڪراچيءَ ۾ اچي متحده سان گڏجي هڪ دفعو وري توهين آميز لهجي ۾ ڳالهائي ٿو. هو پاڻ تہ موجود آهي پر سنڌ ۾ هن جو ويهاريل گورنر بہ اڄ تائين وڏي اعتماد سان موجود آهي ۽ مشرف جي پسنديده دهشت گرد جماعت سنڌ ۾ وري اقتدار ۾ پائيوار آهي. سوال آهي تہ آخر هڪ شخص جيڪو پنهنجو الهہ تلهہ وڃائي چڪو آهي، جيڪو عوام لاءِ نفرت جي علامت بڻجي چڪو آهي ۽ جيڪو جمهوريت لاءِ هڪ مستقل خطرو آهي، اهو هڪ سياسي حڪومت جي وجود ۾ اچڻ کانپوءِ بہ ايڏو پُراعتماد ۽ بي خوف ڇو آهي؟ هن کي ڇو سياسي طور ڪو خطرو محسوس نٿو ٿئي؟ اهو صحيح آهي تہ هن کي آمريڪا جي حمايت اجا تائين حاصل آهي پر سوال آهي تہ موجوده حڪومت يا اتحادي حڪومت جي اڳواڻ جماعت ان ڏس ۾ آمريڪا سان ڇو نٿي ڳالهائي سگهي تہ پرويز مشرف ۽ سياسي جمهوري حڪومت گڏ نٿا هلي سگهن. اها ڳالهہ هاڻي آمريڪا لاءِ بہ ڪو راز نہ آهي پر لڳي ائين ٿو تہ حڪومت يا اتحادي حڪومت جي اڳواڻ ڌر ان ڏس ۾ ساڻن ڪوبہ جرئتمند ڊائلاگ ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي.



(5) جيتوڻيڪ موجوده حڪومت ڪالاباغ ديم جي منصوبي تان هٿ ڪڻڻ جو رسمي اعلان ڪيو آهي، جيڪا هڪ سٺي ۽ ساراهہ جوڳي ڳالهہ آهي پر ٺيڪ ائين گهرجي تہ اهو معاملو پارليامينٽ ۾ پيش ڪيو وڃي ۽ ان کي اتي هميشہ لاءِ رد ڪيو وڃي ۽ ساڳيءَ طرح ان کي حتمي طرح ”ڪائونسل آف ڪامن انٽريسٽ“ مان پڻ رد ڪرايو وڃي، تڏهن چئبو تہ اها هڪ سنجيده ڪوشش آهي، پر حڪومت ان رسمي اعلان کانپوءِ هاڻي ان معاملي تي چُپ نظر اچي ٿي. ٻئي پاسي گريٽر ٿل ڪئنال جي هلندڙ ناجائز اڏاوت لاءِ بجيٽ ۾ پئسا رکيا ويا آهن. جڏهن تہ ٺيڪ تہ ائين گهربو هو تہ ان منصوبي کي رد ڪيو وڃي ها ۽ جن ماڻهن اهو ناجائز منصوبو غير قانوني طور شروع ڪرايو انهن خلاف قدم کنيو وڃي ها. ڇاڪاڻ تہ موجوده حڪومت جون سموريون اتحادي ڌريون يعني پ پ پ، پي ايم ايل (ن)، اي اين پي ۽ جي يو آءِ گريٽر ٿل ڪئنال خلاف جدوجهد ۾ مشرف جو پورو دؤر جدوجهد ۾ گڏ رهيون آهن پر پ پ پ تہ ان جي اڳواڻي ڪئي هئي ۽ اڄ بہ سنڌ جو وڏو وزير سيد قائم علي شاهہ گريٽر ٿل ڪئنال خلاف گڏيل ايڪشن ڪميٽيءَ جو سربراهہ آهي. ٽئين طرف واپڊا جو Vision 2025 اڃا تائين موجود آهي، جنهن تي جيڪڏهن عمل ٿيو تہ سنڌ کي زرعي آبادي تہ ڇا پر پيئڻ لاءِ بہ پاڻي نہ ملندو. ماڻهو موجوده حڪومت کان اهو نٿا چاهين تہ اها مڙئي غير سنجيده اعلان ڪري پر اها اهي حساس معاملا آئيني ادارن ۽ پارليامينٽ ۾ کڻي وڃي ۽ انهن کي اتي حل ڪرائي. جنهن ملڪ ۾ عدليہ ۽ آئين جي ڪا حيثيت نہ آهي اتي هڪ وفاقي وزير جو پريس ڪانفرنس ۾ نلهو زباني اعلان ڪهڙي معنيٰ ٿو رکي؟

اهي تہ هئا موجوده حڪومت جا سئو ڏينهن ملڪي تناظر ۾ پر صورتحال جو اسان جي حوالي سان هڪ پاسو پيو بہ آهي، ۽ اهو هيءُ آهي تہ سنڌ کي آخر هن ”جمهوريت“ جي بحاليءَ مان ڇا ملندو؟ سنڌ هن ملڪ جي قيام لاءِ اول دستي جو ڪردار ادا ڪيو. ملڪ کي محمد علي جناح، ذوالفقار علي ڀُٽي ۽ شهيد بينظير ڀُٽو جي پايي جا سياستدان ۽ اڳواڻ ڏنا، پر ان کي هيستائين موٽ ۾ ڇا مليو آهي؟ ان جو ثبوت اجوڪي سنڌ آهي. نہ رڳو ايترو پر ملڪ ۾ جمهوريت جي جنگ بہ سدائين سنڌ وڙهي. ون يونٽ خلاف جدوجهد هجي، ضياءَ جي آمريت خلاف 83ع ۽ 86ع جون شاندار عوامي جدوجهدون هجن يا مشرف جو پورو دؤر- سنڌ سڀني کان اڳيان وڌي ملڪ ۾ جمهوريت جي سياسي جنگ وڙهي. ويندي محترمہ بينظير ڀٽو جي شهادت انهن ئي قربانين جو تسلسل آهي. سوال آهي تہ هاڻي جڏهن هڪ سياسي حڪومت وجود ۾ اچي چڪي آهي ۽ ان اتحادي حڪومت جي اڳواڻي پ پ پ وٽ آهي تہ پوءِ هاڻي سنڌ جي عوام کي مجموعي ملڪي

حالتن کان وڌيڪ ان ڳالهہ جي ڳڻتي آهي تہ کين ڇا ملندو؟ يا هو هن سڄي ڪاروهنوار کي ان اک سان ڏسي رهيا آهن تہ کين ڇا ملي رهيو آهي. ان ڪري ئي شايد هن پيپري ملڪ ۾ جمهوريت جي جدوجهد ۾ سنڌ ايترو ڪرنٽ نٿي کڻي، ڇاڪاڻ تہ ماضيءَ ۾ ان کي پنهنجين عظيم جدوجهدن ۽ قربانين جي نتيجي ۾ وڌيڪ تباهي، ڦرلٽ ۽ دوکي کانسواءِ ٻيو ڪجهہ نہ مليو. هنن سئو ڏينهن ۾ سنڌ جي حوالي سان حڪومت جي ڪارڪردگي ڪا گهڻي بهتر نہ رهي آهي. مثال طور:

(1) سنڌين مشرف ۽ سندس اتحادين جي سمورين رڪاوٽن جا بند ٽپي پ پ پ کي سنڌ ۾ اڪثريتي مينڊيٽ ڏنو تہ جيئن اها سنڌ ۾ ڪنهن محتاجيءَ کان سواءِ اڪيلي سر حڪومت ٺاهي سگهي. نہ رڳو اڪيلي سر حڪومت ٺاهي پر گذريل دؤر ۾ هڪ دهشتگرد ڌر طرفان سنڌ جي زمينن ۽ وسيلن جي جيڪا ڀيلَ ٿي ان جو پڻ ازالو ڪيو وڃي. جڏهن تہ ٿيو ان جي اُبتڙ. اڄ بہ ان دهشتگرد ڌر جو گورنر سنڌ ۾ وڏي اعتماد سان ويٺو آهي ۽ جنهن ڌر سنڌ کي مشرف جو پورو دؤر بيدرديءَ سان لُٽيو ۽ ڦُريو، اها اڄ بہ اقتدار ۾ پائيوار آهي. جنهن سان هر طرح سنڌين کي واضح پيغام مليو تہ اڪثريت باوجود انهن کي سنڌ ۾ پنهنجي ڪا اپري سپري حڪومت ٺاهڻ جو ڪو اختيار بہ نہ آهي. جنهن حقِ حاڪميت لاءِ سنڌ سپ گهيرا توڙي پ پ پ کي اڪثريتي مينڊيٽ ڏنو اهو اڄ بہ اُتي جو اُتي آهي ۽ اها خواهش شايد ديواني جو خواب ٿي لڳي.

(2) سنڌ مشرف جو پورو دؤر جنهن گريٽر ٿل ڪئنال خلاف هر سطح تي لڳاتار جدوجهد ڪئي، ان جي ناجائز ۽ غير قانوني اڏاوت اڄ بہ جاري آهي. پ پ پ جيترين قربانيون ڪمپرومائيز جي نتيجي ۾ ڏيندي آهي، جي اُها ڪجهہ رسڪ عوام ۽ خاص طور سنڌ لاءِ بہ کڻي تہ شايد کيس ايترين قربانيون ڏيڻيون نہ پون. ڪهڙو آسمان ڪري ها جيڪڏهن پ پ پ جي حڪومت گريٽر ٿل ڪئنال جي غير قانوني اڏاوت رد ڪري ان منصوبي کي دفن ڪري هڪ مثال قائم ڪري ها پر ايئن نہ ٿيو. ڪالاباغ ڊيم مان هٿ کڻڻ جو اعلان بہ پريس ڪانفرنس ۾ ٿيو آهي پر اهو معاملو پارليامينٽ ۾ نٿو اچي يا ڪائونسل آف ڪامن انٽريشٽ مان رد نٿو ڪيو وڃي.

(3) هن وقت واپڊا جا ٽاڙيءَ جا منصوبا، اين ايف سي ايوارڊ ۽ آدم شماريءَ جهڙا مسئلا ڳَرَ ڪنيو بيٺا آهن ۽ ڪا بہ خبر نہ آهي تہ هن پيپري سنڌ کان ڇا کسبو ۽ کيس موٽ ۾ ڇا ملندو ۽ ان سان ڪهڙو انصاف ٿيندو؟ شهرن ۾ سنڌين جي سياسي، سماجي ۽ معاشي تحفظ لاءِ ڪنهن جٽادار بندوبست جو مسئلو آهي، ٻهراڙين ۾ سڄو ترقياتي انفرا اسٽرڪچر تباهہ آهي، زرعي معيشت مرٽينگ آهي، لاقانونيت عروج تي آهي، اُهي سڀ



مسئلا حل ڪرڻ لاءِ گهربل پاليسيون، رٿابنديون، حڪمت عمليون ۽ ڪي جٽادار ل ڳولڻ لاءِ سنجيده ڪوششون ڪٿي آهن؟ باقي هن پيپري سنڌ کي ماسترين جي ڪانٽريڪٽ نوڪرين ۾ ڪا گهڻي دلچسپي نہ آهي. هن پيپري سنڌ وٽ هڪ ئي سوال آهي تہ جنهن جمهوريت لاءِ سنڌ سدائين جنگ وڙهي آهي ۽ جنهن پارٽيءَ کي سنڌ سدائين زندگي بخشي آهي ۽ هر پيپري ان جا ڏوهہ معاف ڪيا آهن، اُها سنڌ کي ڇا ٿي ڏئي؟ بينظِر ڀٽو کي شهيد ڪري ”ڏٽين“ هوئڻ ئي ملڪ ۾ وفاق کي عملي طور ختم ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي سنڌ حڪومت ۽ پ پ پ جي ڪارڪردگيءَ کي رڳو ان اک سان ڏسي رهي آهي تہ جمهوريت جي بحاليءَ مان سنڌ ۽ سنڌين کي ڇا ملندو؟ سنڌيءَ ۾ چوندا آهن: ”سڄا يار_ سلامن جي ڇَٽي!“ هن پيپري سنڌ کي ”سڄن يارن پاران سلامن جون ڇٽيون“ نہ پر واضح پاليسيون، حڪمت عمليون ۽ جٽادار ٺوس اُپاءَ گهرجن، جنهن ۾ سنڌ ۽ سنڌين کي پنهنجو بچاءُ ۽ واڌارو نظر اچي، ٻيءَ صورت ۾ پوءِ شايد سنڌ ۾ سنڌين جو جمهوريت جي جدوجهد سان اهو ساڳيو سڱ نہ رهي سگهي!